# قرباني

ڊاڪٽر چيو، ”گيتا کي ڪئنسر آهي“ رتن جي اکين ۾ پاڻي تري آيو، ”تڏهن گيتا هاڻي ٿورن ڏينهن جي مهمان هئي!“

رتن کي ڏندو نوڪري وسري ويو، هو سندس پاسو وٺيو وينو هوندو هو. ٻاهر اسڪوٽر تي لٺ چڙهي ويئي هئي. مٿن ملڪتن سرپر ڪئي، ته ويندي گيتا جي ماءُ ۽ نانيءَ کي پاسيرو وٺي چيو، ”پٽ! ٻار پاڻي پي ته ڪونه جيئدا ته؟“ مگر پوءِ به رتن کي سيني پنهنجي گيتا جي هنڌ جي ڪنڊ وٺي وينل ڏٺو.

ڏوراهان دوست آيا ڪي ڪل ۾، ڪي ٿوڪ ۾ چيڪون، ”ماڻهو قبر جا مجاور ٿيندا آهن، تون جيئري گيتا جو مجاور ٿي وينو آهين“

رتن من کي آٿت ڏنو، ”هي دوست نتا ڄاڻن جلدئي هيءُ محل ڪنڊهر ٿيڻ وارو آهي ۽ هنن کي اهاٻه ڄاڻ ڪانهي، محل ۾ اڃا به جا جوتي جلي رهي آهي سا منهنجي تن من جي روشنيءَ ئي ته آهي...“

گيتا جڏهين سندس اهي خيال ٻڌا، تڏهين اکين جي ڪنڊن وٽان به موتي ڪري پيا. آهستي چيائين، ”نه اها جوتي ٻنهي ڪنهن جي آهي رتن!“

رتن مرڪي ڏنو، ”هيڏا پريم پتر پڙهڻ ڪانپوءِ ڪهڙو ٻيوقوف چئي ويندو ته اها جوتي منهنجي نه ٻنهي ڪنهن جي آهي؟“

گيتا پتيءَ جو هٿ ٻنهي هٿن ۾ ڪٽي جهليو، انکي پنهنجي ڳل وٽ ڌبڪي چيائين، ”هن گهڙيءَ آتما کي ڪوبه ڪوڙ چوڻ جي همت نه آهي“

”ته هن گهڙي سچ ۽ ڪوڙ جو نچيڙو توکان گهري به ڪير ٿو؟“

”منهنجوئي من ٿو گهري“

”سمجهه ڪٽي مان ملڪين وسهي به وهان پر ان لاءِ مونکي سبب ته آهيئي ڪين. تو وٽان اننت پريم ملندوئي رهيو آهي، ۽ مان پاڻ کي ڀاڳشالي سمجهندوئي رهيو آهيان“ ٻئي ڪنهن مونکان وڌيڪ توکي پيار ڪيو آهي سو ته مان نٿو ڄاڻان“

رتن سمجهيو هيءُ پيد ڪلڻ تي گيتا ڪيڪ ڪري اٿندي. ليڪن اهڙو ڪي ڪين ٿيو. گيتابلڪلئي چپ چاپ ليٽي پيئي هئي.

رتن ڪيسي مان خطن جو ٿهو ڪڍي چيو، "وٺ هي خط، پاڻ سان گڏ ڪٽي سرڄ" ۽ پوءِ رتن گيتا جي ڪمري مانڪين نڪري ويو ڇڻ ساڻس ڪوئي ناتوئي نہ رهيو هوس.

هفتو گذري ويو گيتا اجا جيئري هئي. هاڻي ڪندن تي شاردا ۽ سندسڀار وينل نظر ايندا هئا. رتن روز اسڪوٽر ڪٽي روزگار تي هليو ويندو هو. شام جو اڪثر گهڻئي نوٽ گيتا جي وهاڻي هيٺان پهچي ويندا هئا. مگر گيتا ۾ ايتري طاقت نہ رهي هئي جو ڪڍهين وهاڻو مٿي ڪٽي ڏسي تہ انجي هيٺان نوٽن جو وهاڻو ڪيترو وڏو ٿيو آهي.

سيني عضون مان طاقت هلي وڃڻ ڪانپوءِ گيتا جو آواز ڪڙو هو ۽ منهن ۾ پيلاڻ هئي، تہ انکيبي رونق نہ ڇئي سگهيو.

ان رات گيتا ڏيڍيءَ ۾ پاچا ڏنا. ڪيتري دير تئين جاڳندي رهي. اوچتو سندس ڪمري جيبتيبري. رتن پڇيو، "اڙي تون اجا جاڳين پئي؟" سندس آواز ڪنجهي جهڙو صاف هو.

"شاردا سمهي ڪين نہ؟"

"مان وينو جاچيان چا تہ شاردا سمهي يا نہ؟"

گيتا چپ رهي، رتن وڃي رهيو هو جو گيتا آهستي چيو، "اڄ شايد پڇاڙيءَ جي رات آهي... ايندا هتي؟"...

رتن انمنيو هليو آيو. گيتابستري تي اشارو ڪيو، هو ويهي رهيو..

"اڄ امي شايد گهر ويئي آهي رڳو شاردلئي هتي رهيل آهي؟" رتنبانهونبڌي ٺئين وينو رهيو ڇڻ ان سوال سان سندس واسطوئي ڪين هو. ڪي ساعتونپئي چپ هئلباهر ٺڪار هئي، انڪري دريون دربند ڪيا ويا هئا ۽بند ڪمري ۾ بتيءَ جي روشني هونءَ ڪان ڪجهه وڌيڪ تيز ٿي لڳي.

گيتا چيو، "منهنجا خط ڪٽي ايندا؟"

حياتيءَ ۾ منهنجي پيرن ۾ ڇپيا سي ڪنهن طرح ٻين جي حياتيءَ مان پاسيرا ڪندو وڃان.“

”ٻتي وسڻي ڇڏيان.“

”ٻرڻ ڏيوس اڄ توهانجو منهن. جيءُ پري ڏسڻ تي دل ٿي ٿيم.“

”هاڻي منهنجي ضرورت پئجي ويئي؟..“

”ڪنهن ڇيو تنهنجي ضرورت ڪڏهين نه رهي.“

”اڄ توهان ۾ تون جو مونجهارو ڇا ٿو ڏيکاري؟“

”مون وٽ ڪوئي مونجهارو ڪونهي.“

”اڇا؟“ رتن ذري گهٽ ڇرڪ پريو. ”تون اهڙي آهين جنهن هڪ رات ڇيو هو ته، منهنجي ديس جي پرمپرا ۾ هڪ گانڌاري پئدا ٿي هئي جنهن جو پتي سورداس هو انڪري هوءَ اکين کي پٽيءَ ٻڌي هلندي هئي... ان گانڌاري تي فخر ڪرڻ واري ناري ڇا تون آهين؟“

”ليڪن جيون کي هڪ ٻئي سچ جي به ضرورت آهي... رتن تون آهين مون لاءِ پوتر جل وانگر جيڪو منهنجي نس نس ۾ سمايل آهي.“

”۽ هو پريه؟“

”هو آهي شراب جو ڍڪ.“

”شراب پيئڻ ڪان عورت کي منع ٿيل آهي.“

”شراب جو ملهه ڇڪڻ ڪانپوءِ ڪنهنکي به ڪوئي منع نٿو ڪري سگهي.“

”ڪري سگهن ٿيون هن يوميءَ جون پرمپرائون.“

”هن يوميءَ وٽ راڌا جي پرمپرا به آهي. سڄڻ هن يوميءَ کي ايتريون ئي انيڪ پرمپرائون آهن جيتريون زندگيءَ کي اهڙيون آهن.“

”ليڪن ايڏو وڏو سچ سهڻ مون لاءِ ترار جي ڌار تي هلڻ سمان آهي.“

”مرٽينگ گيتا لاءِ تنهنجو شاردا سان ورتاءُ ڇا تيرن جي سيجا تي ليٽڻ ناهي؟“

”ٻڪ نه ڪر.“ چوندي رتن ڏڪ هٽڻ لاءِ هٿ الاريو مگر هٿ اتيئي ٻينو رهيو.